# DATE CULTIVATION

# ڪجي جي پوک

## سنڌ ۾ ڪجي جي پوک، فصل جي سار سنڀال ۽ پيداوار وڌائڻ بابت ڄاڻ



سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو

Sindh Agricultural Growth Project (SAGP)



# کجي جي پوک

سنڌ ۾ کجي جي پوک، فصل جي سار سنڀال

۽ پيداوار وڌائڻ بابت ڄاڻ

سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو

Sindh Agricultural Growth Project (SAGP)

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڪجي جي پوک |
| | | (سنڌ ۾ ڪجي جي پوک، فصل جي سار سنڀال ۽ پيداوار وڌائڻ بابت ڄاڻ) |
| سهيڙيندڙ | : | مير سهيل احمد ٽالپر |
| لي آئوٽ ۽ ڊزائين | : | احمد سولنگي |
| تعداد | : | 3000 |
| صفحا | : | 48 |
| سال | : | جولاءِ 2016ع |


© rights are reserved


| | | |
|---|---|---|
| **Title** | : | **Date Cultivation** |
| | | (Date Crop Cultivation in Sindh, Management of the Crop and Information about Yield Enhancement) |
| Compiled by | : | Mir Sohail Ahmed Talpur |
| Layout & Design | : | Ahmed Solangi |
| Copies | : | 3000 |
| Pages | : | 48 |
| Year | : | July, 2016 |




# سٽاءُ


پيش لفظ ........ 5
ڪجي ........ 6
ڪجي جو بنياد ........ 8
دنيا ۾ ڪجي پيدا ڪندڙ مکيه ملڪ ........ 9
ڪجي جو استعمال ........ 10
نسل جي پيداوار ........ 11
(1) ڪکڙيءَ جي ذريعي ........ 11
(2) جهتن يا (Suckers) جي ذريعي ........ 12
جهتن جو مفاصلو ........ 13
جهتن حاصل ڪرڻ ۾ احتياط ........ 13
(3) ٽشو ڪلچر ذريعي ........ 14
آبهوا ........ 15
زمين ........ 15
وقتائتي پوک ........ 16
ڪجي جون جنسون ........ 16
پوکڻ جو طريقو ........ 17
کڏا تيار ڪرڻ ........ 17
پاڻي جو استعمال ........ 19

پاڻ جو استعمال ........ 20
پاڻ جو مقدار ........ 21
لڳ جو عمل ........ 22
ڇانگهه ڪرڻ ........ 25
ميوي کي مينهن کان بچائڻ ........ 26
نقصانڪار جيت ........ 27
ڪجي جو ڳاڙهو ٽنبڻ ........ 27
ميوي وارو جيت / نقصان جون نشانيون ........ 34
اسڪيلز ياچلر ........ 35
ڪجي جون بيماريون ........ 36
ڪانگياري ........ 36
ڪجي جي وڻ جو سڙڻ ........ 37
ميوي جو سڙڻ ........ 38
برداشت ........ 39
ميوي کي خشڪ ڪرڻ ........ 40
(1) ٽڏن تي خشڪ ڪرڻ ........ 40
(2) ميوي کي ڪاسٽڪ سوڊا سان صاف ڪرڻ ........ 41
(3) ڇوهارو ٺاهڻ ........ 42
هڪ سو گرام کجور جي ميوي ۾ موجود خوراڪ جا جُزا ........ 43




# پيش لفظ

سنڌ ايگريڪلچرل گروٿ پروجيڪٽ ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان حڪومتِ سنڌ پاران سنڌ جي 14 ضلعن ۾ شروع ڪيو ويو آهي، جنهن جو بنيادي مقصد سنڌ جي آبادگارن کي جديد زراعت سان روشناس ڪرائڻ ۽ دنيا جي جديد مارڪيٽن تائين رسائي ڏيارڻ آهي.

حڪومتِ سنڌ زراعت تي خاص ڌيان ڏيندي ننڍن ۽ وچولي آبادگارن کي نين زرعي ٽيڪنالاجي کي سندن ٻنيءَ تي پهچائڻ ۽ گڏوگڏ سندن پيداوار کي دنيا جي ٻين ملڪن تائين پهچائڻ لاءِ هي پروجيڪٽ رٿيو آهي. جنهن سان سنڌ جي ننڍن ۽ وچولي آبادگارن جي آمدني وڌائي ويندي. ان لاءِ سندن مرچ، بصر، ڪارڪون ۽ سارين جي فصلن جي پيداوار وڌائڻ، سندن جنسن جو معيار سُڌارڻ ۽ مارڪيٽ ۾ سندن اثر رسوخ کي مناسب سطح تي آڻي سندن آمدني وڌائڻ آهي. ان ڪم لاءِ انهن کي تربيت ذريعي پوک جي سڌريل نون طريقن سان واقفيت، نون زرعي اوزان جي ڄاڻ ڏني ويندي.

ننڍن ۽ وچولي آبادگارن لاءِ حڪومتِ سنڌ پاران (50%-30%) رعايتي قيمت تي زرعي اوزار خريد ڪري استعمال ڪرڻ ۽ زرعي ڄاڻ لاءِ نوان طريقا متعارف ڪرائڻ سان سندن خوشحالي ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو.

جولاءِ 2016ع

**شاهجهان هاشماڻي**
پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
سنڌ ايگريڪلچرل گروٿ پروجيڪٽ

# ڪجي



ڪجي انسان جي لاءِ رب العزت جي عطا ڪيل بيشمار تحفن مان بهترين تحفو آهي، جو لذيذ ۽ ذائقدار ميوو آهي. انسان جي نسل لاءِ هن جي اهميت تمام گهڻي آهي، جو رب العزت انسان کان پوءِ هن کي پيدا ڪيو. هي نبين جي وڻندڙ خوراڪ آهي. رسول پاڪ صلعم هن کي عام طور گهڻو پسند ڪندا هئا. چاڪاڻ ته هيءَ مڪمل غذا جي حيثيت رکي ٿي، جنهن ۾ اهم جزا جهڙوڪ پاڻيٺ جو مقدار 13.8 کان 26.1 سيڪڙو پروٽين 1.9 کان 3.0 سيڪڙو سٽپ 0.5 سيڪڙو لوڻيات (ڪئلشيم، بوهه، پوٽاشيم) 1.3 سيڪڙو ۽ نشاستو 6.37 کان 7.6 سيڪڙو جڏهن ته کنڊ جو مقدار 72.2 سيڪڙو آهي. هن جي غذائي اهميت جي ڪري، کجور



پراڻي زماني ۾ سپاهين جي خوراڪ جو اهم ذريعو رهيو هو. ننڍي کنڊ پاڪ هند ۾ هيءَ سڪندراعظم جي حملن وقت وجود ۾ آئي ۽ محمد بن قاسم جي وقت ۾ هن جي پيداوار ۾ واڌارو ٿيو. جڏهن ٻاهرين ڪاهه ڪندڙ ۽ واپاري قافلو جو هتان جي رستن کان ايندا هئا، پنهنجي خوراڪ ۾ ڪجي استعمال ڪندا هئا.

دنيا ۾ هر سال اٽڪل 6.77 ملين ٽن ڪجي پيدا ٿئي ٿي، جنهن ۾ پاڪستان جي سال ۾ پيداوار اٽڪل 0.73 ملين ٽن آهي. اهڙيءَ طرح پاڪستان جو شمار دنيا ۾ کجور پيدا ڪندڙ ملڪن ۾ پنجون نمبر آهي. پاڪستان ۾ کجور گهڻو ڪري مڪران، خيرپور ۽ سکر ڪانسواءِ وڏي مقدار ۾ ملتان، مظفرڳڙهه، ڊيرا غازي خان، فيصل آباد، جهنگ، ڊيرا اسماعيل خان ۾ پيدا ٿئي ٿي. اسان وٽ ان جي پيداوار ۾ بهتريءَ جي تمام گهڻي گنجائش موجود آهي.

ڪجي جو فصل انتهائي اهميت وارو فصل آهي، هن فصل جي ڪارڪ / ڪتل يا ڇوهار سيني غذائي عنصرن تي ٻڌل هوندا آهن. هي فصل سنڌ ۾ وڏيڪ ايراضي تي خيرپور ۾ لڳايو ويجي ٿو جتي پراڻي وقت ۾ ٻه سؤ جنسن کان وڏيڪ جنسون لڳايون ويندیون هيون، پر هن وقت اُهي جنسون لڳن ٿيون جن جي مارڪيٽ ۾ وڏيڪ کپت آهي. انهن مان اصيل جنس لڳ ڀڳ نوي سيڪڙو ايراضيءَ تي لڳي ٿي.

# ڪجي جو بنياد

ڪجي هزارين سالن کان وچ ڪاڙي وارن ملڪن (مڊل ايسٽ) ۽ سنڌ ماٿري جو هڪ غذائي ڪاڌو رهيو آهي. آثارِ قديمہ مان ثابت ٿيو آهي تہ ڪجي عربستان جي اوڀر وارن ملڪن ۾ 6000 قبل مسيح کان پوکي ويندي هئي. جيڪي هاڻي عراق ۽ ڀر



وارا ملڪ آهن. جتي پراڻي وقت کان پوک ٿيندي هئي، ممڪن آهي تہ قديم مصر 4000 قبل مسيح ۾ مصر وارا ڪجي ڪي کائڻ ۽ ڪجي جو شراب ٺاهڻ ۾ استعمال ڪندا هئا. تاريخ مان ثابت ٿيو آهي تہ ڪجي 7000 قبل مسيح ۾ نوڀهڻي سيپيتا جيڪو هاڻي پاڪستان آهي ان ۾ سنڌو ماٿري ۾ پوکي ويندي هئي. ان کانپوءِ آهستي آهستي واپارين ڪجي کي ڏکڻ، اولهہ ايشيا، اتر آفريڪا ۽ اسپين جي ڀر وارن ملڪن ۾ پکيڙي ڇڏيو. جنهن کانپوءِ تقريباً پوري دنيا ۾ پوکجڻ لڳي.



# دنيا ۾ ڪجي پيدا ڪندڙ مکيه ملڪ



| نمبر | ملڪ | پيداوار ملين ٽن | دنيا جي پيداوار جو حصو |
|---|---|---|---|
| 1. | مصر | 1,470,000 | 19% |
| 2. | ايران | 1,066,000 | 14% |
| 3. | سعودي عرب | 1,050,000 | 14% |
| 4. | الجيريا | 789,357 | 10% |
| 5. | عراق | 650,000 | 8% |
| 6. | پاڪستان | 600,000 | 8% |
| 7. | سوڊان | 433,500 | 6% |
| 8. | عمان | 270,000 | 4% |
| 9. | متحده عرب امارات | 250,000 | 3% |
| 10. | تونيسا | 190,000 | 2% |

www.countryranker.

# ڪجي جو استعمال




انساني تاريخ شاهد آهي تہ ڪجي قديمي زماني کان وٺي مختلف طريقن سان استعمال ٿيندي رهي آهي. ڪجي تازي ميوي طور، ڪجي کي سڪائي ڇوهاري طور، ڪجي کي گرم پاڻي سان ڪتل ڪري ٿاهي استعمال ڪئي ويندي هئي.

اڄ جي دؤر ۾ جتي جديد ترين پروسسنگ پلانٽ جهڙيون سهولتون هجڻ جي ڪري ڪجي مان مختلف شيون جهڙوڪ: ڪجي جو حلوو، ڪجي جي مٺائي وغيره مختلف پيڪنگ ۾ مارڪيٽ ۾ اچي ويون آهن.



# نسل جي پيداوار

فصل جو نسل ٻن طريقن سان وڌائي سگهجي ٿو. هڪ ٻج يا ڪڪڙيءَ رستي ٻيو ٻچن يا جهٽن ذريعي، انهن ٻنهي طريقن جي استعمال جي پنهنجي اهميت آهي.

## (1) ڪڪڙيءَ جي ذريعي:

کجور جي ڪڪڙيءَ رستي حاصل ڪيل ٻوٽا 80 ـ 50 سيڪڙو نر ٿيندا آهن، جڏهن تہ مادي ٻوٽن جو تعداد تمام گهٽ يعني 20 کان 25 سيڪڙو هوندو آهي. اهڙن









ٻوٽن ۾ ميوو تمام دير سان پيدا ٿيندو آهي. اهڙا ٻوٽا شڪل ۾ خاصيتن ۾ پنهنجي اصلي جنس کان مختلف ٿين ٿا ۽ گهٽ درجو رکن ٿا. ان هوندي بہ نون جنسن پيدا

ڪرڻ لاءِ ڪڪڙي ذريعي ٻوٽا حاصل ٿي سگهن ٿا. ڪڪڙيءَ رستي پوکيءَ ۾ اها دشواري آهي تہ نر جي سڃاڻ ۾ تمام گهڻي دير ٿئي ٿي. جنهن ۾ وقت ۽ پئسي جي سيڙپ ٿئي ٿي. اهڙا ٻوٽا 8 کان 10 سالن ۾ ميوو جهلين ٿا. ان ڪري اهو طريقو تمام گهٽ استعمال ٿئي ٿو.

### (2) جهتن يا (Suckers) جي ذريعي:





ڪجي پوکڻ جو هيءَ بهترين طريقو آهي. ڪجي جو ٻوٽن سان گڏجي ننڍا ٻوٽا پيدا ٿين ٿا. انهن کي جهتون چئجي ٿو. انهن مان حاصل ٿيندڙ فصل صحيح نسل جو ضامن آهي. اگر نر حاصل ڪرڻو آهي تہ جهتون نر ٻوٽن مان حاصل ڪيون وڃن. اگر مادي ٻوٽا حاصل ڪرڻا آهن تہ جهتون مادي ٻوٽن مان حاصل ڪيون وڃن.

عام طور تي ڪجي جي واڌ ويجهہ ٻچن / جهتن ذريعي ٿئي ٿي. اُن لاءِ ڪجين جي ٿڙن جي پير ۾ زمين تي جيڪي ٻچا ڦٽن ٿا اُهي نئين باغ لاءِ 3 کان 4 سالن جا ٿين تہ ڪيدي لڳائڻ گهرجن. پر اُهي ٻچا لڳائجن جهتون تندرست، ۽ 5 کان 15 ڪلو گرام جي وزن



برابر هجن. هر نسل ۾ جهتن جو تعداد مختلف هوندو آهي ۽ اڪثر 30 کان 50 سيڪڙو تعداد هوندو آهي. جهتن جي لاءِ زمين ۾ واريءَ جو مقدار گهٽ هجڻ گهرجي. جيڪي صحتمند هجن. ٻچا اهڙي طرح تيز اوزار سان ڪٽيجن جيئن وڻ ۽ جهتون ۽ انهن جون پاڙون زخمي نہ ٿين جهتون اُهي لڳائجن جن کي پاڙون ضرور هئڻ گهرجن. جهتون ڪيڻ وقت پهريان وڻ جي پاسي واري مٽي هٽائي ٻچا آزاد ڪجن جنهن بعد تيز اوزار سان وڍي ڌار ڪجن. هي ڪم تجربيگار ماڻهوءَ کان ڪرائڻ گهرجي.

### جهتن جو مفاصلو:

ڪجي جي هڪڙي جهت کان ٻئي جهت جي وچ ۾ مفاصلو 15 فوٽ ـ ۽ قطار کان قطار جو مفاصلو 15 فوٽ رکڻ گهرجي.

### جهتين حاصل ڪرڻ ۾ احتياط:

مٿين ذڪر ڪيل طريقن مان جهتن ذريعي پوکي ڪامياب ثابت ٿي آهي. پر احتياط ضروري آهي. جهتن حاصل ڪرڻ لاءِ مادي ٻوٽي جي عمر 10 سالن کان مٿي هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ننڍي عمر جي ٻوٽي جي ڏاڍي نازڪ هوندي آهي.



جيڪو آساني سان بيمارين ۽ ڪيڙن جو شڪار ٿي سگهي ٿو. جهت کي مادي ٻوٽي کان جدا ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي خبرداري گهرجي. ان لاءِ ماهر مالهي ۽ تيز اوزارن جي ضرورت آهي. جهتن حاصل ڪرڻ کان اڳ وٽن جي چوڌاري مٽي ڪڍي وڃي. جهتن ۾ شاخن جو تعداد گهٽ هئڻ کپي. جهت جي چوڌاري اهو ڏنو وڃي ته جهت پنهنجي مادي ٻوٽي سان ڪيترو جڙيل آهي. ان کي مادي ٻوٽي کان احتياط سان ڪٽي چانور يا واٽر ڪورس جي پر ۾ رکيو وڃي. ان بعد ان کي نرسري يا باغ ۾ منتقل ڪيو وڃي. نرسري ۾ ٻوٽي کان ٻوٽي ۽ قطار کان قطار جو فاصلو 3 کان 4 فوٽ هجڻ کپي. 40 ڏينهن تائين روز پاڻي ڏجي. گرمي کان بچاءَ لاءِ جهتن کي پلاسٽڪ جي ڇاري يا ڪا مناسب ڇانوري جو انتظام ڪيو وڃي.

### (3) ٽشو ڪلچر ذريعي:

هن طريقي سان کجي جي وڻ جا پن، گل، يا پاڙن مان ننڍڙا حصا ڪٽي، ليبارٽري ۾ هڪ خاص قسم جي پاڙيات سان ڀريل شيشي جي بوتلن ۾ رکيا وڃن ٿا. انهن





شيشي جي بوتلن ۾ ٻوٽو جنم وٺي ٿو. اتان ڪڍي انهن کي پلاسٽڪ جي ٿيلهن يا ڪونڊين ۾ وجهي، گرين هائوس ۾ رکيو وڃي ٿو. ٻوٽي کي مناسب خوراڪ، هوا، نمي حاصل ٿئي ٿي. اتان ڪڍي ان کي زمين ۾ پوکيو وڃي ٿو.

## آبهوا

کجي جي وڻ لاءِ خشڪ آبهوا، وڌيڪ گرمي ۽ گهٽ گهم هجي. کجي سم ۽ ڪلر کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي، هن جو وڻ 23 سينٽي گريڊ کان وٺي 43 سينٽي گريڊ گرمي پد تائين سني واڌ ويجهه ڪري ٿو. اگر هوا ۾ پاڻيٺ جو مقدار 35 سيڪڙو کان وڌي هجي ته هن جي واڌ ۾ خراب اثر وجهي ٿو. کجي قدرتي طور خشڪ ريگستاني علائقن ۾ پيدا ٿيندي آهي. جڏهن ميوو تيار ٿيڻ لڳندو آهي ته مينهن جو پوڻ ميوي جي پچڻ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو. ان لاءِ ٻور کان وٺي ميوي پچڻ تائين آبهوا جو خشڪ هجڻ ضروري آهي.

## زمين

کجي کي لڳائڻ لاءِ پڪي چيڪي زمين وڌيڪ موزون آهي. جڏهن ته ٻين سمورين زمينن ۾ پڻ کجي لڳي وڃي ٿي. ڏٺو ته اهو به ويو آهي ته کجي جو ٻوٽو لوٽائي زمين پسند ڪري ٿو جنهن ۾ نمڪيات موجود هجي گهڻي ڪلر واري زمين ۾ به ڪٽي ڪٽي لڳڻ کان پوءِ ڪامياب وڃي ٿي. چاڪاڻ ته کجي جي وڻ ۾ لوڻ برداشت ڪرڻ جي صلاحيت وڌيڪ ٿئي ٿي. ان سان گڏ زمين ۾ ريتي ۽ چيڪي مٽي جو تناسب هجڻ ضروري آهي.

## وقتائتي پوک

ڪجي جا ٻوٽا ٻن موسمن فيبروري، مارچ ۽ جون - جولاءِ ۾ پوکيا وڃن ٿا. پر اُنهن مان جون - جولاءِ واريون جهتون وڌيڪ ڪامياب آهن ۽ اُهي گهٽ مرن ٿيون. ڇاڪاڻ ته فيبروري ۽ مارچ ۾ پوکيل فصل کي گرميءَ جو مقابلو ڪرڻو پئي ٿو. ان ڪانسواءِ فيبروري ۽ مارچ ۾ گُل ٻوٽي نمودار ٿيندي آهي، ان ڪري انهن مان جهتون ڪيڻ ڏکيو عمل آهي.

## ڪجي جون جنسون



اسان وٽ سنڌ ۾ ڪيتريون ئي جنسون پوکيون وڃن ٿيون. جهڙوڪ: اصيل، شڪري، نقل، نوري، خرمو ڪربلائڻ، مدينه، دغجهلت نور، فصلي، ڪرهواري، ڪرڪٽو ڏيڊي، خار، خاڪي وارو، ڪاشو واري، اسحاق واري، عيدن شاهه، هوا واري، گهوڙي واري، پيدر وغيره آهن، جن مان اصيل، شڪري، فصلي، مدينه ۽ دغلت نور وغيره سفارش ڪيل جنسون آهن.



دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيون ويندڙ جنسون جن جي دنيا جي مارڪيٽن ۾ تمام گهڻي گهرج آهي، جن جا نالا هي آهن:

1. مد جول
2. اجوا
3. امبر
4. ميڊبرون
5. نوادار
6. شيشي
7. ڪيڊلاس
8. برهي

سنڌ جي ڪجي جي آبادگارن جي خوش نصيبي آهي جو سنڌ ايگريڪلچرل گروٿ پروجيڪٽ تحت مٿين سمورين جنسن جا ٽِشو ڪلچرل ذريعي پيدا ڪيل صحتمند ٻوٽا موجود آهن. ڪجي جا آبادگار اِهي جنسون پوکي ٻاهرين ڪجي جي مارڪيٽن ۾ موڪلي چڱو ناڻو ڪمائي سگهن ٿا.

## پوکڻ جو طريقو

ڪجي جي پوکڻ جا ڪيترائي طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا، پر انهن ۾ گهڻو مقبول طريقو "چورس" پوکائي آهي، ڇاڪاڻ ته وڻن جي وچ ۾ ڪافي فصل پوکي سگهجن ٿا. هن طريقي مطابق 20x20 فوٽن جي فاصلي تي ٻوٽا پوکيا وڃن ٿا، جنهن ۾ في ايڪڙ اٽڪل 109 ٻوٽا لڳن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن 22x22 فوٽن جي فاصلي تي به ٻوٽا پوکيا وڃن ٿا.

### کڏا تيار ڪرڻ:

باغ لڳائڻ کان اڳ زمين جي ڇڪاس ڪرائجي. پوءِ ٽي يا چار اونها هر ڏجن ۽ زمين کي سنوت ۾ آڻي گهربل فاصلي تي ٻنا ۽ اڏون تيار ڪجن ۽ پوءِ زمين کي

ڪليو ٺي چڙي ڏجي. ٻوٽن لڳائڻ لاءِ جنس آهر گهربل فاصلي تي زمين ۾ ڪانن وسيلي نشان لڳائي پوءِ ان جاءِ تي ٽي فوٽ اونها ۽ ٽي فوٽ ويڪرا کڏا کوٽجن ۽



ٻن هفتن تائين اهي کڏا کليا ڇڏجن ته جيئن هوا ۽ سج جي روشني وسيلي نقصان وارا جيت وغيره ناس ٿي وڃن. ان کان پوءِ هڪ حصو کڏي جي مٿين مٽي، هڪ حصو شاخ جو لٽ ۽ ايتري تعداد ۾ ڇيڻي وارو سڙيل ڀاڻ ملائي، کڏو پورو ڀرجي. جيڪڏهن اڏوهي جو خطرو هجي ته ڪلورو پائريفاس يا لارسبين يا اٽال اسٽار يا اميڊا ڪلوروپرڊ مليل پاڻي، کڏن جي اندروني پٽين تي ڇٽڪارجي. اِها ڳالهه تجربن ۽ مشاهدن مان ثابت ٿي آهي ته جيڪڏهن ٻچن يا جهت جي هيٺان واري هوندي ته پوکي بهتر ٿيندي. چاڪاڻ ته واري ۾ ٻچا ڳرڻ ۽ سڙڻ کان بچي ويندا آهن. ٻچا يا جهت کڏي ۾ پوري ان جي چوگرد مٽي چڱي طرح دٻائجي. بعد ۾ شام جي وقت پاڻي ڏجي.



# پاڻي جو استعمال





ڪجي جو وڻ قدرتي حالتن ۾ پاڻي جي ويجهن علائقن ۾ پيدا ٿئي ٿو. پوکائي ڪانپوءِ ان کي ڪافي پاڻي ڏنو وڃي ٿو. پاڻي جو مقدار موسم ۽ ٻوٽي جي عمر تي مقرر ڪيو وڃي. نئون باغ لڳائڻ کان پوءِ 40 ڏينهن تائين روزانو هلڪو پاڻي ۽ 40 ڏينهن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن ڇڏي، ٻئي ڏينهن، 80 ڏينهن تائين ۽ ان بعد هڪ هفتو ڇڏي، ٻئي هفتي ۾ پاڻي ڏنو وڃي. جڏهن ٻوٽو پاڙون هٽي وٺي ته گرمين ۾ هر هفتي ۽ سياري ۾ ٻن ٽن هفتن ۾ پاڻي پيارجي. ميوبدار باغ کي گرمين ۾ ستين ڏينهن ۽ سردين ۾ پندرين ڏينهن پاڻي ڏنو وڃي. پر گل اچڻ وقت پاڻي نه ڏجي ٻي صورت ۾ گلن جي بجاءِ وڻن ۾ ڦوٽهڙي جو امڪان وڌي ويندو آهي، جنهن جي ڪري گل گهٽ نڪرندا آهن. جڏهن ميوو ڇٽي برابر ٿئي ته پاڻي جلدي ڏيڻ گهرجي چاڪاڻ جو

گرم موسم ۾ وڻن، تارين، پنن ۽ ميوي جي واڌ ويجهہ جي رفتار وڌي ويندي آهي. انهيءَ ڪري هن موسم ۾ وڻن کي پاڻيءَ جي ضرورت وڌي ويندي آهي. جون ۽ جولاءِ جي مهينن ۾ گرمي تمام گهڻي ٿيندي آهي، انهيءَ ڪري انهن ڏينهن ۾ هڪ هفتي جي وقفي سان پاڻي ڏيڻ گهرجي جيئن ميويدار وڻ وڌ ۾ وڌ خوراڪ حاصل ڪري سگهن. سياري جي موسم ۾ ميويدار وڻن کي پاڻي گهٽ ڏجي، ڇاڪاڻ جو زمين ۾ پاڻي جذب ڪرڻ جي رفتار گهٽجي ويندي آهي ۽ وڻن جي پنن مان پاڻي بخارن جي صورت ۾ تمام گهٽ نڪرندو آهي. انهيءَ صورت جيڪڏهن پاڻي وڌيڪ ڏبو تہ پاڻي بيهي ويندو جنهن ڪري وڻن جي پاڙن کي نقصان پهچڻ جو انديشو هوندو آهي. انهيءَ ڪري سياري جي موسم ۾ گهٽو پاڻي ڏيڻ يا جلدي جلدي پاڻي ڏيڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

## پاڻ جو استعمال

عام طور زميندار ڪجي جي باغن ۾ پاڻ استعمال نہ ڪندا آهن. اگر پاڻ استعمال ڪيو وڃي تہ فصل پلو ٿيندو. پاڻ جي چونڊ زمين جي مٽي تپاسي ڪئي وڃي. زمين جي زرخيزي ۽ ٻوٽي جي عمر ڏسي پاڻ استعمال ڪجي. ڪيميائي پاڻ سان گڏ ڇيڻي يا مال جو پاڻ ضروري آهي. مال جو تازو پاڻ هرگز استعمال نہ ڪجي. سنڌ ۾ آڪٽوبر، نومبر ۽ ٻين علائقن ۾ ڊسمبر جي مهيني ۾ سڙيل پاڻ استعمال ڪجي. جڏهن تہ نائٽروجن جو اڌ مقدار، فاسفورس ۽ پوٽيشم جو پورو مقدار، گل ٻاٽي کان هفتي يا ٻن هفتن کان اڳي باغ ۾ پاڻ استعمال ڪجي. نائٽروجن جو باقي مقدار ميوي جهلڻ کانپوءِ اپريل جي مهيني ۾ ڪيو وڃي. ٿڙ کان هڪ فوٽ پري وجهي، اٿر واري گُڏ ڪري، پاڻي ڏنو وڃي.



## پاڻ جو مقدار

جيڪڏهن اين پي ڪي پاڻ استعمال ڪرڻو آهي تہ هڪ کان چار سالن جي ٻوٽي کي 20 ـ 10 ڪلو گرام مال جو ڳريل سڙيل پاڻ ۽ 450 ـ 225 گرام تائين زرخيز ڏيڻو آهي. جڏهن تہ 6 ـ 4 سالن جي ٻوٽي کي 30 ـ 25 ڪلو گرام مال جو ڳريل سڙيل پاڻ ۽ هڪ ڪلو گرام زرخيز ڏيڻو آهي. اهڙي طرح 6 کان 10 سالن جي يا ان کان وڌيڪ عمر جي ٻوٽي کي 50 ـ 35 ڪلو گرام مال جو پاڻ 2 ـ 15 ڪلو گرام زرخيز ڏيڻ کپي.

| ٻوٽي جي عمر سالن ۾ | پاڻ ڏيڻ جو وقت | يوريا (گرامن ۾) | سنگل سپر فاسفيٽ (گرامن ۾) | سلفيٽ آف پوٽاش (گرامن ۾) |
|---|---|---|---|---|
| هڪ | آڪٽوبر ـ نومبر | 200 | 50 | 100 |
| ٻہ | آڪٽوبر ـ نومبر | 200 | 100 | 200 |
| ٽي | آڪٽوبر ـ نومبر | 300 | 150 | 300 |
| چار | آڪٽوبر ـ نومبر | 400 | 200 | 400 |
| پنج | آڪٽوبر ـ نومبر | 500 | 250 | 500 |
| ڇهہ | آڪٽوبر ـ نومبر | 600 | 300 | 600 |
| ست | آڪٽوبر ـ نومبر | 700 | 350 | 700 |
| اٺ | آڪٽوبر ـ نومبر | 800 | 400 | 800 |
| نو | آڪٽوبر ـ نومبر | 900 | 450 | 800 |
| ڏهہ يا ان کان مٿي | آڪٽوبر ـ نومبر | 1000 | 500 | 1000 |

نوٽ: جڏهن تہ وڏاڻ جو ڳريل سڙيل پاڻ جوان وڻن کي 20 ڪلوگرام في وڻ ڏيڻ گهرجي.

# لگ جو عمل

ڪجي ۾ نر ۽ مادي گل جدا جدا وڻن ۾ ڦٽندا آهن. جنهن جي ڪري نر ۽ مادي گلن ۾ ميلاپ ۽ مادي جي لگ جو عمل ڏکيو آهي. جو ميوي جو ضامن آهي. لگ جو عمل هوا ۽ ڪيڙن ذريعي بہ ٿئي ٿو مگر بهتر پيداوار لاءِ هٿرادو طريقو استعمال ڪري نر گلن جو مادي جي مٿان رکڻ ضروري آهي.

ڪجي جي نر گلن جون لڙهيون يا تاريون



گلن جون لڙهيون (تاريون) فيبروري کان مارچ تائين پچڻ شروع ٿينديون آهن. هٿرادو طريقو استعمال ڪرڻ لاءِ هيٺ درج ٿيل تفصيل ڏنل هدايتون پيش ڪجن ٿيون.

1. جڏهن مادي گلن جون لڙهيون (تاريون) پچن تہ نر گلن جون 2 کان 3 لڙيون



مادي گلن جي گُڇن ۾ رکي ڇڏجن. هيءَ عمل 2 کان 3 دفعا جاري رکجي تہ مختلف وقتن تي پچندڙ لڙهيون (تاريون) لگ ڪرائي سگهجن.

2. پچل نر جون لڙهيون (تاريون) بہ ٽي ڏينهن اس ۾ رکجي، زرد رنگ جا داڻا ڪڍي، ڪپهہ تي لڳائي يا هٿرادو اوزار سان لگ جو عمل شروع ڪجي.

ڪجين ۾ هٿ سان لگ ڪرائڻ جو عمل



3. لڳ جو عمل صبح 9 بجي کان پهرين نہ ڪجي، ڇاڪاڻ تہ ان وقت هوا ۾ نمي گهڻي مقدار ۾ هوندي آهي. نر لڙهيون (تاريون) ضايع ٿي سگهن ٿيون.
4. مادي گلن جون لڙهيون (تاريون) کلڻ کان پوءِ 24 ڪلاڪن جي اندر عمل مڪمل ڪجي ڇاڪاڻ تہ 24 ڪلاڪن جي مدي گذرڻ کان پوءِ گلن جو لڳ ڪرائڻ ناممڪن آهي.
5. لڳ جي عمل وقت پاڻي روڪيو وڃي. لڳ کان پوءِ مينهن پئي تہ هي عمل ٻيهر شروع ڪجي.
6. نر داڻا حاصل ڪرڻ لاءِ پڪل لڙهيون (تاريون) ڪاٽيو جنهن جي نشاني اها آهي تہ اگر انهن کي هٿ جي آڱرين سان دٻائبو تہ چرچر جو آواز نڪرندو ۽ ٻاهرين کل ڦاٽي پوندي.
7. باغبان هر 100 مادي ڪجي جي وڻن لاءِ 5 نر کجور پوکين. جيڪي لڳ جي عمل ۾ مددگار ثابت ٿيندا.
8. اگر لڳ وارو عمل هٿرادو اوزار سان ڪرڻو پئي تہ لڳ واريون ڪم ايندڙ لڙهيون (تاريون) ان ۾ سڪائي هڪ سنهي ڇاڻي رستي اوزار ۾ داخل ڪن. هن اوزار کي هڪ دم اُس ۾ سڪائجي.



# ڇانگم ڪرڻ

ڪجين جي وڻن جي ڇانگهہ ضروري آهي پر گهڻي ڇانگهہ جي ڪري ميوو ٿورو ۽ پاچاٿو ٿئي ٿو. ننڍن وڻن ۾ پهرين ٻن سالن ۾ ڇانگهہ نہ ڪجي ۽ ٻين پنجن سالن ۾




ڇانگهہ خبرداريءَ سان ڪجي. هر ٻن سالن کان پوءِ هيٺين ڇڙهين جي ڇانگهہ ڪجي.

# ميوي کي مينهن کان بچائڻ

ميوو جڏهن ڏنگ جي صورت اختيار ڪندو آهي تہ ميوو هيٺان کان ڇڄڻ شروع ڪندو آهي. ان وقت مينهن ميوي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندو آهي. لڳاتار مينهن



ميوي کي ساڙي ڇڏيندو آهي. مينهن وسڻ کان اڳ ڳُوڇن کي ڌن سان ڍڪي ڇڏجي. اهو ضرور آهي تہ هوا جي گذر لاءِ ڪجهہ وِٿي رکجي. اگر گهڻي مينهن جو امڪان هجي تہ ميوي کي ڏنگ جي حالت ۾ توڙي اُس ۾ سڪائجي. هي ڪور (غلاف) عام طور ميوو جڏهن ڏوڪي جي حالت ۾ رسي تہ چاڙهي ڇڏجي.

نوٽ: ڊيوپانٽ ڪمپني جي ٽيوڪ ڪمپني جا ٿيلها کجي جي ڇڳن تي چاڙهڻ لاءِ زياده فائديمند آهن.

هي ٿيلها خاص طرح جي ڪپڙي مان ٺهيل آهن. جن منجهان هوا جو گذر تہ ٿي سگهي ٿو پر پاڻي نٿو گذري سگهي. جنهن جي ڪري کجين کي نقصان نہ ٿو ٿئي.



# نقصانڪار جيت

کجي جي وڻن کي ڳاڙهي ٽنڊڻيءَ، چلر وارو ڪينئون ۽ ميويي وارو ڪينئون حملو ڪري نقصان پهچائين ٿا. پر هن وقت سنڌ ۾ کجين جي باغ ۾ سڀ کان وڏيڪ تباهي ڪندڙ جيت کجي جو ڳاڙهو ٽنڊڻ آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

### کجي جو ڳاڙهو ٽنڊڻ (Red Palm Weevil):

*Rhynchophorus ferrugineus*



سنڌ اندر هن جيت جو شروعاتي حملو 1980ع واري ڏهاڪي ۾ خيرپور ۽ سکر وارن علائقن ۾ ڏٺو ويو. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هن جيت جو حملو وڌندو ويو. هن



وقت هي جيت تمام گهڻي شدت اختيار ڪري ويو آهي. هن جيت جي حملي سبب آبادگارن جو تمام گهڻو نقصان ٿي رهيو آهي. هن جيت جي زندگي واري چڪر جي سڃاڻپ هيٺ ڏجي ٿي.






## آنا: (Egg)



هن جيت جي بالغ مادي سراسري طور 204 آنا لاهيندي آهي. آنا اڪثر ڪري ڪجي جي نرم حصن تي لاهيندي آهي. اها جڳهه جتان جهتون ڪڍيون وينديون آهن. آنا اڇي رنگ تي مائل ٿيندا آهن. آنن مان 3 ڏينهن اندر ڪينئان نڪري ايندا آهن.

## ڪينئان: (Grub)



هي ڪينئان اڇاڻ مائل ۽ سندن مٿو هلڪو ناسي رنگ جو هوندو آهي. هي ڪينئان ڪجي جي ٿڙ اندر نرم حصن کي کائيندا آهن ۽ سرنگهه ٺاهيندا آهن ۽ سرنگهه ٺاهي ٿڙ جي مٿين طرف هلندا ويندا آهن. جيڪي اندر ئي اندر ٿڙ کي کائي کوو ڪري ڇڏيندا آهن.

## سوبڻ: (Pupa)



كينئون جڏهن پنهنجي جواني جو وقت پورو كندو آهي تہ پوءِ پنهنجي مٿان كاٻر جو هڪ كوپو ٺاهي ان ۾ ويهي رهندو آهي. سوبڻ مان 12 كان 20 ڏينهن اندر بالغ نكري ايندو آهي.

## بالغ: (Adult)



كجي جو هي ٽنبڙ ڳاڙهاڻ مائل هلكي ناسي رنگ جو ٿيندو آهي سندس مٿي تي هڪ مڙيل سونڊ ۽ ڇہ مچون ٿينديون اٿس. هن جيت جي بالغ مادي نر كان ٿورو وڏي ٿيندي آهي. هن جيت جا بالغ رات جو اڏامندا / گهمندا آهن.



## نقصان جون نشانيون: (Damage Symptoms)



1. هن جيت جو اكثر حملو زمين جي سطح كان اڌ يا هڪ فوٽ مٿي جهڙين نكرڻ واري جڳهہ تي ٿيندو آهي.
2. هن جيت جو حملو 5 كان 12 سالن جي عمر وارن وڻن ۾ وڌيڪ ڏٺو ويو آهي.
3. نقصان وارن ٿڙن ۾ جيكي سوراخ هوندا آهن انهن مان كنئور نما هلكي ناسي رنگ جي پاڇيات نكرندي آهي.
4. شديد حملي جي صورت ۾ ٿڙ اندر كرڻ جي كٽڻ وارو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.
5. شديد حملي جي صورت ۾ كجي جا پن ۽ لامون هيڊاڻ مائل ٿينديون آهن. آخركار نتيجي ۾ هوا لڳڻ كري كجي جو وڻ كري پوندو آهي.
6. حملي آور وڻ ۾ آنا، كينئان، سوبڻ ۽ بالغ موجود هوندا آهن.

## احتياطي تدبيرون: (Precautionary Measures)

1. باغ جي اندر گندگاهہ کي ڪيڏي صاف ڪرڻ گهرجي.
2. باغ ۾ اونها هر ڏيڻ گهرجن.
3. پاڻي ۽ ڀاڻ سفارش ڪيل طريقن سان ڏيڻ گهرجي.
4. ڪجين جي باغ اندر ڪيلي ۽ ڪمند جي پوک هرگز نہ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ ٻئي فصل هن جيت جي واڌ ويجهہ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.
5. نون باغن ۾ تندرست جهتون لڳائڻ گهرجن.
6. باغن اندر جنتر، برسيم، لوسڻ ۽ گوار وغيره پوکڻ گهرجي ائين ڪرڻ سان زمين جي زرخيزي وڌندي ۽ ان سان گڏوگڏ ڪجين جا وڻ صحتمند رهندا ۽ بهتر پيداوار ڏيندا.
7. باغ اندر گڏ تمام گهڻي احتياط سان ڪرڻ گهرجي، جيئن وڻ يا ان جي پاڙ کي ڪو زخم نہ رسي، ڇو تہ زخم واري جڳهہ تي مادي تنڊڻي آنا لاهيندي آهي.
8. سڪل لامن کي تيز ڌار واري اوزار سان ڪٽڻ گهرجي.
9. جهتون تمام گهڻي احتياط سان ڪڍيون وڃن جهتن نڪرڻ واري جڳهہ تي گاڏين جو استعمال ٿيل موبل آئل (ڪارو تيل) هنيو وڃي يا ڊيزل تيل جو ڦوهارو ڪجي. ان ڪانسواءِ ٿوم کي ڪٽي، ان ۾ ٿورو ڪونئر ملائي زخم واري جاءِ تي لڳائجي، انهن سڀني تدبيرن جي استعمال ڪان پوءِ ٻن يا ٽن ڏينهن ڪانپوءِ ان کي مٽي سان ڍڪي ڇڏجي.
10. ڪجي جي باغ اندر گهٽ پاڻي وٺندڙ فصل پوکيا وڃن.
11. ڪجي جي ٿڙ ٻاهران دڪا ٺاهڻ گهرجن. جيئن پاڻي سڌو سنئون وڻ جي ٿڙ کي نہ لڳي.
12. جيڪڏهن ڪجي جو وڻ نقصان سببان ناقابل اصلاح هجي تہ ان کي هڪدم ڪپي، ختم ڪري ڇڏجي تہ جيئن ڳاڙهي تنڊڻي جي واڌ ۽ پکيڙ کي روڪي سگهجي.



## ضابطو: (Control)

جيئن تہ هي تنڊڻ پنهنجي زندگي جو دورو وڻ ۾ ئي مڪمل ڪندو آهي، ان ڪري ڦوهاري ذريعي ختم ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي، ان ڪري فاسٽ ٽاڪسن گوريون يا ڪارپيٽ (ڪيليشم ڪاربائيڊ) جهڙا ڪنٽرول وڌيڪ مؤثر ۽ ڪارآمد ثابت ٿيا آهن.

### طريقيڪار:

سڀ کان پهريائين ٽڊڻي جي ڪري نڪتل سوراخ کي ڪنهن لوهي تار وسيلي صاف ڪجي پوءِ انهن سوراخن ۾ هڪ يا ٻہ فاسٽ ٽاڪسن گوريون في سوراخ ڪارپيٽ جا ننڍڙا ٽڪرا هڪ يا ٻہ في سوراخ استعمال ڪجن. جيڪي ڪينئن، سوڀٽ ۽ بالغ جي خاتمي لاءِ ڪارآمد ۽ مؤثر آهن. گورين يا ڪارپيٽ کي سوراخن ۾ وجهي پوءِ انهن سوراخن کي گاري سان چڱي طرح بند ڪيو وڃي تہ جيئن گوريءَ جا ڪارپيٽ يا فيومس (دونهون) سڄي ٿڙ جي اندرئين حصي ۾ ڦهلجي وڃن تہ جيئن هن جا ڪينئان ۽ بالغ ختم ٿي وڃن.

## ميوي وارو جيت / نقصان جون نشانيون : (Fruit Borer)



هن جيت جا ڪينئان ڪجي جي ڪري ڪچي ميوي کي نقصان پهچائين ٿا، ڪيئنون ميوي جي ٽوپي جي ڀرسان سنهو سوراخ ڪري ميوي اندر داخل ٿئي ٿو ۽ ان جي ڳپ ۽ نرم ڪوڪڙي کي کائي نقصان پهچائي ٿو هن ڪينئين جا حملي آور ميوا وڻ مان ڇڻي وڃن ٿا، جنهن ڪري ڪجي جي پيداوار کي ڪافي نقصان رسي ٿو.

### احتياطي اُپاءُ:

1. ڪجين جي باغن کي گندگاهہ کان صاف رکجي تہ جيئن جيت وغيره پنهنجو نسل وڌائي نہ سگهن.
2. ڀاڻ ۽ پاڻي سفارش ڪيل مقدار ۽ صحيح طريقي سان وقت تي ڏيڻ کپي.
3. جنهن ڪجي جو وڻ ۾ هن ڪينئن جو حملو نظر اچي تہ ان ڪجي جي گوشن کي اهڙيءَ طرح هٿ هڻجي جيئن حملو ٿيل ڪچو ميوو هيٺ ڪري پوي ۽ پوءِ انهن ڪريل ميون کي گڏ ڪري ساڙجي يا زمين ۾ پورجي.

هيٺيان ميڙيل ميوي کي ساڙڻ ۽ گندگاهہ ختم ڪرڻ کانپوءِ باغ ۾ پاڻي ڏجي تہ جيئن باقي زمين تي ڪريل / بچيل ڪينئان بہ مري وڃن.



## اسڪيلز يا چلر : (Scals)



هي جيت ڪجي جي پنن ۽ ڪجي جي ڏانڊين تي چنبڙيل هوندا آهن ۽ اتان ئي ٻوٽي جو رس چوسيندا رهندا آهن. نتيجي ۾ ٻوٽو ڪمزور ٿي ويندو آهي، جنهن ڪري ميوو تعداد ۾ گهٽ، سائز ۾ ننڍو ۽ بدصورت ٿيندو آهي.

### بچاءَ:

بيماري لڳل ٻوٽن تي سپراسائيڊ اسڪاليڪس يا ٻي پرائز زهريلي دوا استعمال ڪجي. 10 کان 7 ڏينهن جي ساهي کان پوءِ اسپري 2 کان 3 دفعا ڪريو. ان کانسواءِ ڏيڍ کان ٻي ڪلو گرام داڻيدار زهر وڻ جي هيٺ وجهي گوڏي ڪجي ۽ پاڻي ڏجي.

# ڪجي جون بيماريون

سنڌ ۾ ڪجين کي ڪا خاص بيماري ڪان نقصان نہ رسندو آهي پر تنهن هوندي بہ ڪجھہ اهم بيمارين جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪي ڪڏهن ڪڏهن نقصان جي حد تائين پهچي وينديون آهن.

## ڪانگياري:



هن بيماري ڪان هر عمر جو ٻوٽو متاثر ٿئي ٿو. هن بيماري ۾ پتن تي ڪارا داغ نمودار ٿين ٿا. سخت بيماري جي اثر ڪري پن خشڪ ٿي پون ٿا. بيمار وڻن ۾ ناقص ۽ گهٽ تعداد ۾ ميوو لڳي ٿو. اگر علاج نہ ڪبو تہ وڻ ختم ٿي ويندو.

### بچاءَ:

1. لاباري يا ميوو لاهڻ ڪانپوءِ بيمار شاخن جي وڍ ڪٽ ڪئي وڃي.
2. بيماري وارا پن ساڙيا وڃن.
3. هڪ ڪلو گرام سلفران 100 گئلن پاڻي ۾ ملائي 4 ـ 3 اسپري ڪيا وڃن.



## ڪجي جي وڻ جو سڙڻ:



ڪجين ۾ اچانڪ سڙڻ جو سبب هڪ فنجي فيوزيرم سلوني (Fusarium solanni) آهي، هي بيماري هر قسم ۽ هر عمر جي ٻوٽي تي حملو ڪري سگهي ٿي. هن بيماري جو حملو وڻ تي هيٺان ڪان شروع ٿي مٿي چوٽي ڏانهن وڌي ٿو. پر بيماري جون نشانيون مٿئين حصي تي ئي ظاهر ٿينديون آهن، جنهن ۾ پنن جو رنگ هيڊائڻ مائل سائو يا بلڪل هيڊا ٿي ويندا آهن. اهڙي طرح پنن جي وچين ڏانڊي ۽ ڪنڊا اچا ٿيڻ لڳندا آهن ۽ آخر ۾ ٻوٽي جا مٿيان سيئي حصا خشڪ ٿي مري ويندا آهن.

### بچاءَ:

ڪاربنڊا ازم 3 گرام في ليٽر جي حساب سان محلول تاهي ٻوٽي جي چلهي ۾ وجهجي، يا ڪابہ سرائيت پذير فنجي مار (Fungicide) زهر استعمال ڪجي.

ميوي جو سڙڻ:



بارشن ۽ نميءَ جي ڪري ميوو ڦاٽي پئي ٿو.

بچاءُ:



ڪجور جي ڇڳن تي واٽر پروف ٿيلهيون چاڙهيون وڃن.



## برداشت

ڪجي جو ٻوٽو چوٿين سال ميوو جهلي ٿو. جولائي يا آگسٽ ۾ ميوو پچي راس ٿئي ٿو. مڪمل پيداوار 10 - 8 سالن کان پوءِ حاصل ٿئي ٿي. هڪ ٻوٽو 40 کان 80 ڪلو گرام ميوو جهلي ٿو. ميوي جي فڪري ۽ برداشت وقت ڪافي حصو ضايع ٿي ويندو آهي.



ميوي لاهڻ وقت هيٺ ذڪر ڪيل تدبيرن ۽ احتياط ڪريو.

ڪجي جو ميوو پچڻ کان اڳ نه ٽوڙيو. چو جو ان ۾ ڪڙاڻ ٿئي ٿي ۽ منڊي ۾ قيمت نه ٿي ملي. اگر پڪل ميوو دير سان لاهجي ٿو ته سڙيو وڃي. ان لاءِ ضروري آهي ته پڪل ميوي کي بروقت برداشت ڪريو. ميوو پچندو آهي ته ان جو رنگ پيلو ٿي پوندو آهي، مناڻ مڪمل ٿيندي آهي. اڪثر آبادگار ميوو لاهي زمين تي پکيڙي ڇڏيندا آهن. جتان ان کي ڪيڙا لڳن ٿا. ميوو ڏاڪڻ رکي ٽوڙجي ۽ ان جي حفاظت ڪجي.

# ميوي کي خشڪ ڪرڻ

## (1) تڏن تي خشڪ ڪرڻ



ڪجين کي تڏن تي سڪائڻ



ڪجين کي پلاسٽڪ جي ٽريز تي سڪائڻ

هن طريقي سان جڏهن ميوو ڏنگ جي صورت حاصل ڪري، تہ اس ۾ تڏن تي پکيڙجي ۽ سج لهڻ کان پوءِ هوادار ڪمري ۾ رکي ڇڏجي. مکين ۽ مٽي کان بچائڻ لاءِ ململ جو ڪپڙو مٿان وڇائجي.



## (2) ميوي کي ڪاسٽڪ سوڊا سان صاف ڪرڻ



هن طريقي سان ميوي کي 1% ڪاسٽڪ سوڊا جي ٽهڪيل پاڻياٺ ۾ هڪ منٽ رکي ٻاهر ڪڍي، عام پاڻي سان ڌوئجي. 4 - 3 ڏينهن اس ۾ سڪائي دٻن ۾ بند ڪجي.

### (3) چوهارو ناهڻ



ميوو ڏوڪن جي صورت ۾ توڙجي. ان کي ململ جي ڪپڙي ۾ وجهي، ابرندڙ پاڻي ۾ 3 ـ 2 منٽ رکجي. ان بعد 5 ـ 4 ڏينهن تڏن تي پکيڙجي، چوهارا تيار ٿي پوندا.



## ھڪ سو گرام کجور جي ميوي ۾ موجود خوراڪ جا جُزا



| | |
|---|---|
| ڪئلشيم | 32.00 ملي گرام |
| فولاد | 1.15 ملي گرام |
| مئگنيشم | 35.00 ملي گرام |
| فاسفورس | 40.00 ملي گرام |
| پوٽاشيم | 652.00 ملي گرام |
| سوڊيم | 3.00 ملي گرام |
| جست | 0.29 ملي گرام |
| ٽامون | 0.28 ملي گرام |
| مئگنيز | 0.29 ملي گرام |

| | |
|---|---|
| سلينيم | 1.90 ملي گرام |
| رائبوفليون | 0.09 ملي گرام |
| نياسن | 0.10 ملي گرام |
| پئنٽوٿڪ ايسڊ | 2.20 ملي گرام |
| وٽامن - بي 6 | 0.78 ملي گرام |
| فوليٽ | 0.19 ايم سي جي |
| وٽامن - A | 12.60 ايم سي جي |
| وٽامن - E | 50.00 آئي يو |
| پاڻي | 0.10 ملي گرام |
| انرجي | 22.50 ملي گرام |
| پروٽين | 275.00 ڪلو ڪئلريز |
| چربي | 0.45 گرام |
| کنڊ | 73.51 گرام |
| فائيبر | 7.5 گرام |
| ايش | 1.58 گرام |



ورلڊ بئنڪ جي سهائتا سان سنڌ ايگريڪلچرل گروٿ پروجيڪٽ ذريعي حڪومتِ سنڌ طرفان آبادگار ڀائرن لاءِ هيٺيان زرعي اوزار رعائتي قيمت تي موجود آهن.




کجين جي پٽائي لاءِ ميڪينڪل ليڊر




پولین گن



پروسیسنگ پلانٹ





کولڈ اسٹوریج



ٹِشو کلچر پودا





پلاسٽڪ جون ٽوڪريون



پلاسٽڪ شيٽ



## Disclaimer

هن ڪتاب ۾ ڏنل مواد مختلف ڪتابن، تجربن، مشاهدن ۽ انٽرنيٽ تان حاصل ڪيو ويو آهي، جنهن جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن.

هن ڪتاب ۾ ڏنل معلومات جي ڪن بہ نتيجن جو ذميوار ادارو نہ هوندو. پڙهندڙ ڏنل معلومات پنهنجي سمجهہ ۽ ذميواري آهر ڪتب آڻين.


**Address:**
House # 66, Civil Lines, Defense Society Hyderabad
www.sagp.pk


Advance Printing Agency Hyd: 0300 0815982